

# هفتيوار سنتن ڀري اجتماع

## ۾ ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

# غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو ڪردار

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# غوثِ پاڪ جو ڪردار

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيتُ سُنَّتَ الاِعتِكاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن جُمعَرات جو ڏينهن ايندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کي موڪليندو آهي جنهن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن، ڪير خميس جي ڏينهن ۽ شبِ جُمُعہ مون تي ڪثرَت سان دُرُودِ پاڪ پڙهي ٿو. (ڪنزالعمال، ۲۵۰/۱،حديث:۲۱۷۴)

يا نبی! تُجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام اِس پہ ہے ناز مُجھ کو ہُوں تیرا غُلام

اپنی رَحمت سے تُو شاہِ خَیرُ الاَنام مُجھ سے عاصی کا بھی ناز بَردار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهِڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ امامُ الاَولِيا حضرت سَيِدُنا شَيخ عبدُ القادِر جِيلاني رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنْهُ جي عرس وارو يارهين شريف وارو مهينو جاري ۽ ساري آهي، انهيءَ مُناسبت سان اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنْهُ جي پاڪيزه ڪردار ۽ ان مان حاصِل ٿيڻ وارا مَدَني گل ٻُڌڻ جي سَعادَت حاصِل ڪنداسين. اچو! سڀ کان پهريان سندن مُختَصَر تَعارُف ٻڌون ٿا،

[1] (المعجم الکبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

حضرت سيدُنا غَوثُ الاَعظَم شَيخ عبدُالقادِرجِيلاني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وِلادَتِ باسَعادَت پهرين رَمَضان ٤٧٠ھ جُمعَةُ المُبارَڪ جو جِيلان ۾ ٿي. سندن ڪُنيت ابُو محمّد آهي جڏهن تہ مُحِي الدّين ( دين کي زندهہ ڪرڻ وارا ) ، مَحبوبِ سُبحاني (الله سبحانہ جا محبوب )، غَوثِ اَعظم، غَوثِ ثَقلَين (سڀ کان وڏا ۽ جنن ۽ انسانن جا غوث ) وغيره سندن لقب آهن. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي والِدِ مُحتَرم جو نالو حضرت سَيدُنا ابُو صالِح مُوسي جَنگي دوست ۽ والِده مُحتَرَمہ جو نالو اُمُّ الخير فَاطِمہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهَا آهي، اوهان والِد جي طرف کان حَسَنِي ۽ امڙ سائڻ جي طرفان حُسَينِي سَيد آهن.

تُو حُسَینی حَسَنی کیوں نہ مُحِیُّ الدِّیں ہو  اے خِضَر مَجۡمَعِ بَحۡرَیۡن ہے چَشۡمَہ تیرا

(حدائقِ بخشش، ص ١٩)

مختصر وضاحت: يا غوث الاعظم اوهان جي ذات جو نہ مُحيُ الدّين (دين کي زندهہ ڪرڻ واري) ٿئي جو توهان حضرات حسنين ڪريمين منجهان آهيو ۽ اوهان رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي ذات مبارڪ حسني حسيني درياءُ مان نڪرندڙچشموآهي

حضرت سَيدُنا علّامہ اِبنِ جوزِي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُ القادِر جِيلاني رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ١١رَبِيعُ الآخِر ٥٦١ ھ هجري ۾ مَغرِب نماز کان پوءِ بَغداد شريف ۾ وِصال فرمايو. وِصال جي وقت سندن عُمر شريف تَقرِيباً 91 سال هئي، جَنازي نماز شهزاده غَوثِ اَعظم حضرت سَيدُنا سَيفُ الدّين عبدُالوهاب قادِرِي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه پڙهائي ۽ بيشمار ماڻهن جَنازي ۾ شِرڪت ڪئيَ. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جو مَزارِ پُراَنوار عِرَاق جي مَشهور شهر بَغداد شريف ۾ آهي جتي ڏينهن رات زَائِرين جو ميڙ رهندو آهي. (الزيل علي طبقات الحنابلة،٢٥١/٣،ملخصاً)

شہرِ بَغداد مُجھ کو ہے پیارا، خُوب دِلکش وہاں کانَظّارہ
میرامرشِدجو جلوَہ آرا ہے،واہ کیا بات غَوثِ اَعظم کی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪاڏو چڙھي نماز ادا ڪئي

حضرت سَيدُنا عَبدُ اللّٰه سُلَمِي رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه بيان ڪن ٿا تہ حضرت سَيدُنا شَيخ مُحِي الدّين سَيد عبدُالقادِر جِيلاني، قُطبِ رَبَّاني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ مون کي پنھنجو ھڪ واقِعو ان طرح ٻڌايو تہ جنھن وَقت مان شھر جي ھڪ پاڙي "قُطِبِيه شَرْقِي" ۾ رھائشي ھئس تہ مون تي ڪجھ ڏينھن اھڙا گذريا جو نہ مون وٽ کائڻ جي ڪا شيءِ ھئي ۽ نہ ڪجھ خريدڻ جي سگھہ ھئي، انھيءَ حالت ۾ ھڪ شخص اوچتو منھنجي ھٿ ۾ ڪاغذ ۾ ٻڌل پُڙيڪو ڏئي ھليو ويو ۽ مان ان اندر ٻڌل رَقم مان حلوو اوفراتو خريد ڪري مسجِد ۾ پھچي ويس ۽ قِبلَي ڏانھن منھن ڪري ھن فِڪر ۾ ٻڌي ويس تہ ھن کي کاوان يا نہ کاوان. انھيءَ حالت ۾ مسجِد جي دِيوار ۾ رکيل ڪاغَذ تي منھنجي نَظر پئي تہ مون ان کي کڻي پڙھيو تہ ان ۾ ھي لکيل ھو تہ "اسان ڪمزور مُؤمِنن جي لاءِ رِزق جي خَواھش پيدا ڪئي تہ جيئن اھي بَندَگي جي لاءِ ان ذَرِيعي قُوَّت حاصِل ڪري سگھن" ياڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ ان تَحرير کي ڏسي مون پنھنجو رُومال ڪنيو ۽ ڪاڏو اتي ڇڏي ٻہ (2) رَڪعَت نماز اَدا ڪري مسجِد مان نِڪري آيس.

(قلائد الجواھر،ص۱۰ بتغيرقليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوھان ڏٺو تہ اسان جي غَوثِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان وَقت تائين کاڌو نہ کاڌائون جيستائين اھا حالت نہ ٿي جو ھاڻي بنا کائڻ جي ھيٺا ٿي ويندا ۽ عِبادت جي قُوَّت باقي نہ رھندي. جيڪڏھن اسان پنھنجي حال تي غَور ڪيون تہ اڄ اسان جو حال ان جي بَرعَڪس آھي اسان فَقط نَفس جي لَذّت خاطِر کائيندا پيئندا آھيون ۽ وَقت بي وَقت ھر قِسم جون غِذائون پيٽ ۾ وجھندا رھندا آھيون جڻ تہ اسان پنھنجي زِندَگي جو مَقصَد ئي کائڻ پيئڻ بنائي ورتو آھي، ٿي سگھي ٿو تہ ڪيئي پيري ايئن بہ ٿيو ھجي تہ ڪاڌي جي لذّت

۾ مست ٿي ڪري ايترو گهٽو کائي ورتو هجي جو جنهن جي وجهه ڪان عبادت جي لاءِ اٿڻ ڏکيو لڳندو هجي، سستي اچي ويندي هجي، اي ڪاش! غوثِ پاڪ جي صدقي اسان کي پيٽ جو قفلِ مدينه نصيب ٿي وڃي.

عائشه صدّیقه روتی تھیں نبی کی بھوک پر
ہائے! بھرتے ہیں غذائیں ہم شِکَم میں ٹُھونس

حضرت سَيدُنا يحييٰ مُعَاذ رازِي رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: جيڪو پيٽ ڀري کائڻ جو عادي ٿي ويندو آهي ان جي بدن تي گوشت وڌي ويندو آهي ۽ جنهن جي بدن تي گوشت وڌي وڃي ٿو، اهو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا گناهه وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهه وڌي ويندا آهن ان جي دل سخت ٿي ويندي آهي ۽ جنهن جي دل سخت ٿي ويندي آهي اهو دنيا جي آفتن ۽ رنگينين ۾ مست ٿي ويندو. (المنبهات للعسقلاني، باب الخماسي، ص٥٩)

اي ڪاش! اسان جو به بُک کان گهٽ کائڻ جو ذِهن بڻجي وڃي ۽ اسان فَقط ايترو کائون جنهن سان عِبادتِ اِلٰهي تي قُوَّت حاصِل ٿي سگهي ۽ کائڻ وقت نِيت به اها ئي هجي ته عِبادت تي قُوَّت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ کائي رهيو آهيان. بک کان گهٽ کائڻ کي دعوتِ اِسلامي جي اِصطِلَاح ۾ ”پيٽ جو قُفلِ مدينه“ چيو ويندو آهي. پيٽ جو قُفلِ مدينه لڳائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دُنيا ۽ آخِرَت جون بي شُمار ڀلائيون حاصِل ٿينديون.

زَبان کا آنکھ کا اور پیٹ کا قُفلِ مدینہ تُم
لگا لو وَرنہ مَحشَر میں پَشیمانی بَڑی ہوگی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## زمين مان چوندي چوندي ٽڪرا ڪائڻ

سرڪارِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: آءُ شهر ۾ جڏهن ڪائڻ جي ارادي سان ڪِريل ۽ هيٺ پيل ٽڪرا يا جهنگ جو ڪو گاهه يا ننڍا پن ڪٽڻ چاهيندو هيس ۽ ڏسندو هيس ته ٻيا فقير به ان جي ڳولا ۾ آهن ته پنهنجي اسلامي ڀائرن تي ايثار ڪندي نه ڪٽندو هيس بلڪ ايئن ئي ڇڏي ڏيندو هيس ته جيئن اهي ڪٽي وجن ۽ پاڻ بُکايل رهندو هيس جڏهن بُک جي سبب ڪمزوري حد کان وڌي ويئي ۽ آءُ قريب المرگ ٿي ويس ته گلن واري بازار مان هڪ ڪائڻ جي شيء جيڪا زمين تي پيل هئي اها مون کنئي ۽ هڪ کنڊ ۾ وجي ان کي ڪائڻ جي لاءِ ويهي رهيس. ايتري ۾ هڪ عجمي نوجوان آيو ان وٽ تازيون مانيون ۽ ڀُڳل گوشت هيو اهو ويهي ڪائڻ لڳو. ان کي ڏسي منهنجي ڪائڻ جي خواهش هڪدم شدت اختيار ڪئي. جڏهن اهو ڪائڻ جي لاءِ گرهه کڻندو هيو ته بُک جي شدت جي سبب بي اختيار دل چاهيندي هئي ته وات کولي ڇڏيان ته جيئن هُو منهنجي وات ۾ گرهه وجهي ڇڏي. آخر مون پنهنجي نفس کي جهڙڪيو ڏنو ته ”بي صبري نه ڪر الله عَزَّوَجَلَّ مون سان گڏ آهي. چاهي ڪجهه به ٿي وجي پر مان ان نوجوان کان گهري هرگز نه کائيندس.“ اوچتو اهو نوجوان منهنجي طرف متوجهه ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ڀاءُ! اچو ۽ اوهان به ڪائڻ ۾ شريڪ ٿي وجو، مون انڪار ڪيو. ان اصرار ڪيو، منهنجي نفس مون کي ڪائڻ جي لاءِ تمام گهڻو اياريو، پر مون وري به انڪار ڪيو. پر ان نوجوان جي گهڻي اصرار تي مون ٿورڙو ڪاڌو ڪاڌو.ان مون کان پُڇيو، ڪٿان جا رهڻ وارا آهيو؟ مون ورندي ڏني **جيلان** جو. هُو چوڻ لڳو، مان به جيلان جو ئي آهيان. ڇگُو هي ٻُڌايو ته توهان مشهور زاهد حضرت سيدابُو عبدُالله صَومَعِي رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي ڏوهٽي **عبد القادر** رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه کي سڃاڻو ٿا؟ مون چيو، اهو ته مان ئي آهيان، اهو ٻُڌي هو بيقرار ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته مان بغداد اچڻ لڳس ته اوهان جي والده ماجده رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهَا

www.dawateislami.net

اوهان ڪي ڏيڻ جي لاءِ مون ڪي سون جون اٺ اشرفيون ڏنيون هيون، مان هتي بغداد اچي اوهان ڪي ڳولهيندو رهيس پر اوهان جو ڪنهن پتو نہ ڏنو ايتري تائين جو منهنجي تمام رقم خرچ ٿي ويئي، ٽن ڏينهن تائين مون ڪي ڪائڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ مليو، مان جڏهن بُک کان بيحال ٿي ويس ۽ جان خطري پئجي وئي، تہ مان اوهان جي امانت مان ھي مانيون ۽ ڀُڳل گوشت خريد ڪيو. حُضُور! اوهان بہ خوشيءَ سان هن کي تناوُل فرمايو ڇو تہ ھي اوهان جو ئي مال آهي، پهريان اوهان منهنجا مهمان هئا ۽ هاڻي مان اوهان جو مهمان آهيان. بقايا رقم پيش ڪندي چوڻ لڳو، مان معافيءَ جو طلبگار آهيان. اضطراري حالت ۾ مان اوهان جي رقم مان ھي کاڌو خريد ڪيو هيو“. مان تمام گهڻو خوش ٿيس. مون بچيل کاڌو ۽ وڌيڪ ڪجهہ رقم ان کي پيش ڪئي اها هن قبول ڪئي ۽ هليو ويو.

(الذّيل علي طبقات الحنابلة ج٣ ص٢٥٠،ملخصاً)

ترے دَر سے ہے منگتوں کا گزارا یاشَہِ بَغداد
یہ سُن کر میں نے بھی دامَن پَسارا یاشَہِ بَغداد
شَہا! خَیرات لینے کو سَلاطِینِ زمانہ نے
ترے دَربار میں دَامَن پَسارا یاشَہِ بَغداد

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ ولين تي حڪومت غوثِ پاڪ
شهبازِ خطابت غوثِ پاڪ فانوسِ هدايت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

## ايثار جي عظيم فضيلت

شَيخِ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علاّمہ مَولانا ابُو بِلال محمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: هن حڪايت ۾ اسان لاءِ عبرت جا بي شمار مدني گل آهن، ڏسو تہ سهي! هڪ پاسي

اسان جا مرشد غوثُ الاعظم رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه آهن جو پاڻ سخت تنگدستي ۾ بُک هجڻ جي باوجود غذا ۾ رقم جي معاملي ۾ بيمثال ايثار کان ڪم ورتو آهي جڏهن ته غوث پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي عقيدت جو دم پرڻ وارا نالائق مريد آهن جو بکايل رهڻ جي توفيق ته پري جي ڳالهه آهي پر بالفرض يارهين شريف جي نياز جي برياني ئي سامهون اچي ته حِرصَ جو اهڙو غلبو طاري ٿي ويندو آهي جو دل چاهيندي آهي ته پورو ٿال مان ئي کائي ونان، ٻوٽي ته پري جي ڳالهه آهي پر ڪنهن کي چانورن جو داڻو به نه ملي! اي عاشقان غوث اعظم! اوهان کي جڏهن ٻين سان ملي کائڻ جو اتفاق ٿئي ته وڏا وڏا گرهه بنا چباڙي جلد جلد کائڻ ۾ سنيون ٻوٽيون پاڻ ڏانهن ڪرڻ جو حِرصَ غالب اچي ته ان وقت پنهنجي مرشد غوث پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي بيان ڪيل حڪايت سان گڏوگڏ هي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به ذهن ۾ دُهرايو: جيڪو شخص اهڙي شيء جنهن جي پاڻ کي حاجت آهي، اها ٻين کي ڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 779) فيضانِ سنت جلد پهرين صفحي 468 تي حضرت سيّدنا ابو سُليمان رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جو عطا ڪيل هي مدني گل به قبول فرمايو: نفس جي ڪنهن خواهش کي ڇڏڻ 12 مهينن جي روزن ۾ رات جي عبادتن کان وڌيڪ دل جي لاءِ فائديمند آهي.“ (اِحياءُ العلوم ج۳ ص ۱۱۸دارصادربيروت)

مری حِرص کی عادتِ بد مِٹادے
مرے غَوث کا واسِطہ یا اِلٰہی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري غَوثِ اَعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عِبادت ۾ رِياضَت، وِلايت ۾ ڪرامَت ۾ ته يڪتاءِ روزگار هئا ئي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ زُهد ۾ تَقوٰي ۾ به باڪمال هئا، دُنيوِي مال ودَولَت جا خَواهش مَند بِالڪل نه هئا جيڪڏهن ڪو مالدار شَخص اوهان کي مال ودَولَت پيش ڪندو هو ته پاڻ قَبُول نه ڪندا هئا، جيئن

## زُهد ۽ پرهيزگاري

شَيخ ابُو العَبَّاس خِضَر بِن عبدُاللّٰه حُسَينِي رَحمَۃُ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیه بَيان ڪن ٿا ته هڪ رات اسان بَغداد ۾ سَيدُنا شَيخ مُحِيِ الدّين عبدُالقادِر رَضِی اللّٰہ تَعَالٰی عَنۀُ جي مَدرَسي ۾ هئاسين، هڪ خَلِيفو اوهان جي خِدمَت ۾ آيو ۽ سَلام کان پوءِ عَرض ڪيو ته مون کي ڪجھ نَصِيحَت فرمايو ۽ مال ۽ زَر جون ڏھ (10) ڳوٿريون پيش ڪيون، جن کي خادِم کنيون بينا هئا، غوث پاڪ رَضِی اللّٰہ تَعَالٰی عَنۀُ فرمايائون: مون کي انهن ڳوٿرين جي ضَرُورَت نه هئي پر خَلِيفي واپس وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ اوهان تي زور پريو، پاڻ هڪ ڳوٿري پنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڪنئي ۽ ٻي کابي ۾ ۽ ٻنهي کي دٻائي نچوڙيو ته ان مان رت وهڻ لڳو، پوءِ اوهان ان خَلِيفي کي فرمايو: ڇا تون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان حياء نٿو ڪرين ته ماڻهن جو رت ڪٺي مون وٽ آيو آهين؟ هي ٻڌي هو بيهوش ٿي ويو، پاڻ فرمايائون: مَعبُود حقيقي جي عِزّت جي قسم! جيڪڏهن رَسُولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي رشتي جي حُرمَت نه هجي ها ته مان ان رت کي ان جي گهر تائين وهڻ ڏيان هئا.

(بهجۃالاسرار،ذکر شي من شرائف اخلاقه،ص۱۲۰)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏياريو جنّت | غوثِ پاڪ | ڏيو بدين کان نفرت | غوثِ پاڪ |
| ڏيوشوقِ عبادت | غوثِ پاڪ | سرڪار جي اُلفت | غوثِ پاڪ |

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها دُنيوِي مال ۽ دَولَت کان بي رَغبَت هوندا هئا تڏهن ته حُضُور غَوثِ پاڪ رَضِی اللّٰہ تَعَالٰی عَنۀُ ان خَلِيفي جي دَولَت ٺُڪرائي ڇڏي ۽ ان جي مرتبي جو لِحَاظ نه ڪندي ان کي اِصلاح جي مَدَني گلن سان بہ نَوازيائون. دَولَتمَندن جي خُوشامَدي اهي ڪندا آهن جنهن کي انهن کان دُنيا جي ذِليل دَولَت حاصل ڪرڻ جي هوَس هوندي آهي

جڏهن تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها قناعَت جي مَدَني دَولَت سان مالا مال هوندا آهن، انهن جي نَظَر دَولَتمَندن جي فاني مال تي نہ بلڪ رَحمتِ رَبِّ ذُوالجَلَال تي هوندي آهي.

جڏهن تہ اسان پنهنجي حالَت تي غَور ڪيون تہ اسان جي اَڪثَرِيت دُنيا تي فدا ۽ آخِرت جي فڪر کان خالي نَظَر اچي ٿي، اسان جون سموريون تَوَانائيون دُنيوِي زِندَگي بهتر بڻائڻ جي فِڪر ۾ صَرف ٿي رهيون آهن اسان فاني دُنيا جي لَذَّتن ۾ ايتري قَدر مُستَغرَق (يعني غرق) ٿي چُڪا آهيون جو اوچتي مَوت اچڻ، قَبر جي اونداهي ۾ اڪيلو رهڻ، مُنڪر نَڪير جي سُوَالن جا جواب ڏيڻ کان بلڪل غافِل ٿي چُڪا آهيون. اچو! دُنيا جي مَحَبَّت پنهنجي دل مان ڪيڻ جي لاءِ دُنيا جي مَذَمَّت تي ٿي (3) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. اَلدُّنْيَا مَلْعُوْنَةٌ،مَلْعُوْنٌ مَافِيهَااِلَّامَاكَانَ لِلّٰه مِنْهَا يعني دُنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي مَلعُون (يعني مَردُود) آهي پر ان مان جيڪو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هجي.
(مراسيل ابى داؤد، باب فى سب الدنيا،ص٢٠)

2. حُبُّ الدُّنْيا رَأسُ كُلِّ خَطِيئَةٍ يعني دُنيا جي مَحَبَّت هر گُناهہ جي جڙ آهي.
(موسوعة لابن ابى الدنيا،كتاب ذم الدنيا،الجزء الاوّل، الحديث٩،ج٥،ص٢٢)

3. ياعَجَبًا كُلَّ الْعَجَبِ لِلْمُصَدِّقِ بِدَارِ الْخُلُوْدِ وَهُوَ يَسْعٰى لِدَارِ الْغُرُوْرِ يعني ان شَخص تي نهايت تَعَجُّب آهي جيڪو هميشہ جي گهر (يعني آخِرَت) جي تَصدِيق ڪري ٿو جڏهن تہ اهو ڌوڪي واري گهر( يعني دُنيا) جي لاءِ ڪوشِش ڪري رهيو هوندو آهي. (مصنف ابن ابى شيبة، كتاب الزهد، باب ما ذكر عن نبينافى الزهد، ١٣٣/٨، حديث٦١)

دُنيا جي مَحَبَّت مان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ ان طرح غَور۽فِڪر ڪيو تہ هن دُنيا ۾ ڪهڙا ڪهڙا مالدار ماڻهو آيا، جيڪي دَولَت ۽ حُڪومَت، جاهہ و

www.dawateislami.net

حَشمَت، اَهل و عِيال جي عارِضي محبت، دوستن جي وَقتي مُصَاحَبَت ۽ خادمن جي خُوشَامَدَانہ خِدمت جي پيرم ۾ قبر جي تَنهائي ڪي وساري وينا هئا، پر هاء اوچتو فَنا جا بادَل آيا، مَوت جي آنڌي هلِي ۽ دُنيا ۾ دير تائين رهڻ جون انهن جون اُمِّيدون خاڪ ۾ مِلِي رهجي ويون، انهن جا مَسَرَّتن ۽ شادمانين وارا مرڪندڙ گهر مَوت وِيران ڪري ڇڏيا. روشنين سان جڳمڳ ڪندڙ مَحَلّن ۽ بنگلن مان ڪڍِي انهن کي گُهپ اونداهي وارين قبرن ۾ مُنتَقِل ڪيو ويو. هاءِ! اهي ماڻهو ڪل تائين اَهل وعِيال جي رونقن ۾ شادمان ۽ مَسرُورهئا ۽ اڄ قبرن جي وَحشَتن ۽ تَنهائين ۾ غمگين ۽ رَنج ۾ هوندا. اهڙي طرح ذِهن بڻائڻ سان بہ دُنيا جي مَحَبَّت دِل مان نِڪري ويندي ۽ تَوَڪل ۽ قَنَاعَت جي دَولَت نَصيب ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

| | | |
|---|---|---|
| اَجَل نے نہ کِسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا | | ہر اِک لیکے کیاکیانہ حَسرَت سدھارا |
| اِسی سے سکندَر سا فاتح بھی ہارا | | پڑا رِہ گیا سب یُونہی ٹھاٹھ سارا |
| جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | | یہ عبرَت کی جاہے تَماشا نہیں ہے |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت اِبنِ نَجّار بَغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو بَيان آهي تہ حضرت شَيخ مُحِي الدّين عبدُالقادِر (جِيلاني ) رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايائون تہ جڏهن منهنجي گهر ۾ ڪو بارَ پيدا ٿيندو هوتہ مان ان کي پنهنجي هٿن تي کڻي چوندو هئس، هي مَشِيئت الٰهي(اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَرضِي) آهي. ۽ جڏهن ڪو بار مرندو هو تہ مون تي ڪجهہ اثر نہ ٿيندو هو، چوتہ پيدائش ٿيڻ تي ئي مان ان جي مَحَبَّت پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيندو هئس، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا پٽ نياٽيون مَجلسِ وَعظ واري رات اِنتِقال ڪري ويندا هئا پر غوثِ پاڪ مَجلِس کي ختم نہ ڪندا هئا، غسل ڏيندڙ مَيّت کي غُسل ڏئي جڏهن غُسل مان فارِغ ٿيندا هئا تہ مَيت کي مَجلِس

www.dawateislami.net

۾ ڪٽي ايندا هئا ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ڪرسِي تان لهي جَنازي نماز پڙهائيندا هئا.
(سیرتِ غوث الثقلین،ص۸۳)

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله جي رحمت | غوثِ پاڪ | ٿئي اسان تي عنايت | غوثِ پاڪ |
| آهن باعثِ برڪت | غوثِ پاڪ | ڪمزور جي طاقت | غوثِ پاڪ |

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ اسان جا غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي رَاضِي رهڻ وارا ڪيتري قدر صبر ۽ شڪر ڪندڙ هئا جو جيڪڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي اولاد مان ڪنهن جو اِنتِقَال تي ويندو هو تہ شِڪوه شِڪايات زَبان تي هرگز نہ آڻيندا هئا بلڪ صَبر سان ڪم وٺندا هئا، ان جي بَرعَڪس ڪي ماڻهو اهڙا بي صَبرا هوندا آهن جو انهن تي ٿورڙي مُصِيبَت يا پريشاني جي گهڙي آئي تہ اهي ڪاوڙ ۾ اچي شِڪوه ،شِڪايت ڪندا ۽ ماڻهن اڳيان پنهنجي پريشاني ٻڌائيندي نَظر ايندا آهن ايستائين جو مَعاذَالله ثُمّ مَعاذَ الله، الله تعاليٰ جي ذات تي اِعتِرَاض بہ ڪندا آهن جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي اِعتِراض ڪرڻ ڪفر آهي. تنهنڪري جڏهن ڪا مُصِيبَت پهچي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۾ رَاضِي رهندي صَبر سان ڪم وٺڻ گهرجي جو صَبر ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائي ٿو جڏهن تہ قُرآنِ ڪريم ۾ صَبر ڪرڻ وارن جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن، جيئن سيپاري 14سُوْرَۃُ النَّحل آيت نمبر 96 ۾ اِرشاد آهي:

وَلَنَجْزِیَنَّ الَّذِیْنَ صَبَرُوْۤا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ﴿۹۶﴾ (پ۱۴،النحل:۹۶)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ضرور اسان صبر ڪرڻ وارن کي اهو صلو ڏيندا سي جيڪو انهن جي سڀ کان چڱي ڪم جي لائق هجي.

اهڙي طرح سيپاري 23سُوْرَۃُ الزُّمر آيت نمبر10 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي :

اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿۱۰﴾ (پ۲۳،الزمر:۱۰)

ترجمو ڪنزالايمان: صبر ڪرڻ وارن کي سندن ثواب ڀرپور ڏنو ويندو بغير حساب جي.

ياد رکو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجن ٻانهن تي مصيبتون نازِل ڪري انهن کي آزمائيندو آهي ته منهنجا ٻانها صِرف خُوشحالي ۾ ئي منهنجو شُڪر ادا ڪن ٿا يا مُصِيبَت جي وَقت به صَبر ڪندي منهنجي رِضا تي راضِي رهڻ کي پسند ڪن ٿا يا نه؟ هي به ياد رکو ته رَبُّ الاَنام عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ هزارين حِڪمتون پوشِيده هونديون آهن جيڪي اسان نٿا ڄاڻي سگهون.

مَنقُول آهي ته اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو: جڏهن مان ڪنهن ٻانهي تي رَحم فرمائڻ چاهيندو آهيان ته ان جي بُرائي جو بَدلو دُنيا ئي ۾ ڏيندو آهيان، ڪڏهن بيماري سان، ڪڏهن گهر وارن ۾ مُصِيبَت وجهي، ڪڏهن تنگي مَعاش سان پوءِ به جيڪڏهن ڪجهه بچندو آهي ته مرڻ وقت ان تي سَختي ڪيان ٿو ايستائين جو جڏهن هو مون سان مُلاقات ڪندو آهي ته گُناهن کان اهڙو پاڪ هوندو آهي جيئن ته ان ڏينهن هو جنهن ڏينهن ان جي امڙ ان کي ڄڻيو هو، ۽ مون کي پنهنجي عِزَّت ۽ جَلال جو قَسَم! مان جنهن ٻانهي کي عَذاب ڏيڻ جو اِرادو رکان ٿو ان جي هر نيڪي جو بَدلو دُنيا ئي ۾ ڏيان ٿو، ڪڏهن جِسم جي صِحَّت سان، ڪڏهن رِزق جي گهڻائي سان، ڪڏهن اَهل ۽ عِيال جي خُوشحالي سان پوءِ به جيڪڏهن ڪجهه رهجي ويندو آهي ته مرڻ وَقت ان تي آساني ڪئي ويندي آهي ايستائين جو جڏهن مون سان ملندو آهي ته ان جي نيڪين مان ڪجهه به نه رهيو جو هو جهنَّم جي باهه کان بَچي سگهي. (شرح الصدور،باب من دنا اجله وكيفية الموت، ص ۲۸)

خوف دوزخ کا آہ رحمت ہو خاکِ طیبہ کا واسطہ یاربّ
میرا نازک بدن جہنّم سے از طفیلِ رضا بچا یاربّ
(وسائلِ بخشش،ص۸۰)

www.dawateislami.net

# آسائشن تي خوش نہ ٿيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ گاڏي، بَنگُلو، دَولَت، صِحَّت ۽ طرح طرح جون نِعمتون مَوجُود آهن تہ ان کي ان تي غُرُور نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ ڊڄڻ گهرجي تہ ڪٿي ائين تہ نہ آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي دنيا ئي ۾ منهنجي نيڪين جو صِلو ڏئي ڇڏيو ۽ گُناهن جي سَبَب آخِرَت ۾ منهنجي لاءِ دَردناڪ عذاب تَيار هجي. اهڙي طرح بيماري، غُربَت يا جان، مال ۽ اَولَاد تي ايندڙ آفَت ۽ مُصِيبَت تي هي سوچي صَبر ڪرڻ کپي تہ ٿي سگهي ٿو تہ مُصِيبَت آخِرَت جي راحَت ساماني جو پيش خيمہ هجي.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مُصِيبَت تي شِڪوه شِڪايات ڪرڻ بدران پنهنجي رِضا تي راضِي رهندي صَبر جي عظيم نعمت عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مُشکلوں میں دے صَبر کی توفیق

اپنے غم میں فقط گُھلا یاربّ

(وسائلِ بخشش، ص۸۰)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جتي پاڻ مصيبتن تي صَبر ۽ شُڪر ڪرڻ وارا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا تي راضِي رهڻ وارا هئا اتي غَرِيب ۽ تنگ دَست ماڻهن جي مَدَد ڪرڻ جو جَذبو بہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جي پاڪيزه ڪردار جو حِصّو هو، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جو عالَم هي هو تہ ڪڏهن ڪنهن سوالي جو سُوَال رَدّ نہ ڪندا هئا چاهي پنهنجو ئي ڪپڙو ڏيڻو پوي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ فرمائيندا هئا تہ مون سمورن عملن جي تَفتِيش ڪئي، انهن ۾ ڪاڏو ڪارائڻ ڪان

www.dawateislami.net

اَفضل ڪو عَمَل نہ ڏنو. ڪاش! منهنجي هٿ ۾ هجي ها تہ بڪايلن کي ڪو ڪاڏو ڪارايان ها. (قلائد الجواهر، ص۳۷) اهڙي طرح شَيخ عبدُاللّٰه جبائي رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنۡهُ مون کي ارشاد فرمايائون تہ مون وٽ بکايلن کي ڪاڏو کارائڻ ۽ ماڻهن سان حُسنِ اخلاق سان پيش اچڻ ڪامل ۽ وڏيڪ فضيلت وارا عمل آهن. پوءِ ارشاد فرمايائون: منهنجي هٿ ۾ پيسو ناهي رڪندو، جيڪڏهن صُبح جو مون وٽ هزار (1000) دينار اچن تہ شام تائين انهن مان هڪ پيسو بہ نہ بچندو غريبن ۽ مُحتاجن ۾ ورهائي ڇڏيان ۽ بکايل ماڻهن کي ڪاڏو ڪارائي ڇڏيان. (قلائدالجواهر، ص۸ ملخصاً)

تِرے در سے ہے منگتوں کا گزارا یاشہِ بغداد
یہ سُن کر میں نے بھی دامن پسارا یاشہِ بغداد
مِری قسمت کا چمکا دو ستارہ یاشہِ بغداد
دِکھا دو اپنا چہرہ پیارا پیارا یاشہِ بغداد
غمِ شاہ مدینہ مجھ کو تم ایسا عطا کر دو
جگر ٹکڑے ہو دل بھی پارہ پارہ یاشہِ بغداد
مجھے اچھا بنا دو مرشدی بے شک یقیناً ہیں
مرے حالات تم پر آشکارا یاشہِ بغداد

اچو! حضورغوثِ پاڪ رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنۡهُ جي سخاوت ۽ غريبن جي مدد جي باري ۾ هڪ نهايت پياري حڪايت ٻڌون ٿا جيئن

## هي سڀ ان رات جي برڪت آهي

حضور غوثِ پاڪ رَضِيَ الله تَعَالٰی عَنۡهُ جي صاحَبزادَي حضرت شيخ سيد عبدالرزاق قادري رَحۡمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه جو بيان آهي تہ جڏهن منهنجا والد صاحب مشهور ٿي ويا تہ پاڻ صرف هڪ دفعي حج ڪيو، ان حج جي آمدورفت ۾ مان سندن سواري جي واڳ جهلندو هئس جڏهن اسان (بغداد جي ڏکڻ ۾ موجود شهر) حلہ ۾ پهتاسين تہ پاڻ فرمايائون تہ هتي سڀ کان غريب گهر جي تلاش ڪريو، ان ڪري اسان هڪ ويرانو ڏٺو جنهن ۾ پشم (اُون) جو هڪ خيمو هو، ان ۾ هڪ

پوڙهو ۽ هڪ پوڙهي مائي ۽ هڪ ڇوڪريءِ هئي. پاڻ ان بزرگ کان اجازت ورتي ۽ ساٿين سان گڏ ان وِيراني ۾ ترسيا، حلہ جا مشائخ ۽ رئيس ۽ امير سندن خدمت ۾ آيا ۽ درخواست ڪئي تہ اوهان اسان جي غريب خانن ۾ يا ڪنهن بي سني گهر ۾ هلو پر پاڻ منظور نہ ڪيائون. شهر جي حاڪم پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ لاءِ ڪافي ڳئون ٻڪريون، ڪاڏو، سون، چاندي ۽ سامان موڪليو ۽ سفر جي لاءِ سواريون موڪليون ۽ ماڻهو هر طرف کان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ پنهنجي ساٿين کي فرمايو تہ ان تمام سامان منجهان مون پنهنجو حصّو ان گهر وارن کي ڏنو. هي ٻڌي اُنهن چيو تہ اسان بہ پنهنجو پنهنجو حصّو ڏنو، اهڙي طرح اهو تمام مال ان پوڙهي، پوڙهيءَ ۽ ڇوڪري کي ڏنو ويو رات جو پاڻ اتي رهيا ۽ صُبح جو روانا ٿيا، (پاڻ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہ جا صاحبزادا فرمائن ٿا) ڪيئي سالن کان پوءِ حلہ مان منهنجو گُذرڻ ٿيو، ڇا ڏسان ٿو تہ هو پوڙهو اتي جي رهواسين ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار آهي. ان مون کي چيو تہ هي سڀ ڪجهہ ان رات جي برڪت آهي، انهن ڳئن ٻڪرين ٻچا ڄڻيا ۽ اهي وڌا ٿي ويا، هي انهن مان آهن. (بهجۃالاسرار،ذڪر شي من شرائف اخلاقه،ص۱۹۸)

مل گیا مجھ کو غوث کا دامن، فضلِ ربِّ کریم سے روشن
مری تقدیر کا ستارہ ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

غوث رَنج واَلم مِٹاتے ہیں،اُس کو سینے سے بھی لگاتے ہیں
آ گیا جو بھی غم کا مارا ہے واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 577،578)

## آئنده ڪنهن کي منع نہ ڪجو

هڪ دفعي پاڻ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ هڪ شخص کي ڪجهہ غگمين ۽ اداس ڏسي پڇيائون: توهان جو ڇا حال آهي؟ ان عرض ڪيو: سائين! درياء دَجلہ جي ان پار وڃڻ چاهيو ٿئي پر ڪشتي واري بنا ڪرائي جي ڪشتي ۾ نہ ويهاريو ۽ مون وٽ ڪجهہ بہ ناهي. ايتري ۾ هڪ عقيدت مند حضورغوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیہ جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿي ٽيهہ (30) دينار نذرانو پيش ڪيو تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہ

تَعَالٰی عَلَیه اهي ٽيهه (30) دينار ان شخص کي ڏئي فرمايائون: وجو! هي ٽيهه (30) دينار ان مَلّاح (ڪشتي هلائڻ واري) کي ڏئي ڇڏ ۽ چئو ته آئنده هو ڪنهن غريب کي دريا پار ڪرائڻ تي انڪار نه ڪري. (اخبارالاخيار،ص١٨)

ہمارا بھی بیڑا لگا دو کنارے تمھیں نا خدائی ملی غوثِ اعظم
تباہی سے ناؤ ہماری بچادو ہوائے مخالف چلی غوثِ اعظم
فدا تم پہ ہوجائے نُوریِ مُضطر یہ ہے اس کی خواہش دِلی غوثِ اعظم

(سامانِ بخشش،صفحہ١٠٨)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

آهن باعثِ برڪت غوثِ پاڪ ڪمزور جي طاقت غوثِ پاڪ
آهن صاحبِ عزّت غوثِ پاڪ مجبور جي راحت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته اسان جا غوثِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه غريبن ۽ حاجت مندن جو ڪيتري قدر خيال رکندا هئا ته اسان کي به سندن سيرت ۽ ڪردار تي عمل ڪندي پنهنجي زندگي گذارڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن مُسلمان کي پريشاني يا ڪنهن مُصيبت ۾ مبُتلا ڏسو ۽ ان جي حاجت پُوري ڪرڻ جي اِستِطاعت به رکو ته ضرورڪوشش ڪرڻ کپي. جيڪو شخص روئيندڙن کي کلائي، پريشان حالن جي پريشاني دور ڪري، مُحتاجن جي حاجت رَوائي ڪري، غمگينن جي غمگساري ڪري بکايلن کي کاڌو کارائي، وڏو خوش نصيب آهي اهو شخص جو احاديثِ مُبارڪ ۾ اهڙي شخص جي لاءِ مغفرت ۽ جنت جي بشارت ۽ جهنّم کان نجات جي خوشخبري بيان ڪئي وئي آهي. اچو! ان باري ۾ ٽي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. مغفرت جي سببن منجهان هڪ سبب بکايل مسلمان کي کاڌو کارائڻ آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو: اَوۡ اِطۡعٰمٌ فِیۡ یَوۡمٍ ذِیۡ مَسۡغَبَةٍ (پ۳۰،البلد:۱۴)
ترجمو ڪنزالايمان: يا بک جي ڏينهن کاڌو کارائڻ.
(مستدرڪ للحاکم،کتاب التفسير،باب اطعام المسلم السغبان...الخ، ۳/۳۴۲- حديث:۳۹۹۰)

2. جنت ۾ هڪ اهڙو اونچائي جوگهر آهي جنهن جو ٻاهر اندر کان ۽ اندر ٻاهر کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي، هي عالي شان گهر ان جي لاءِ آهي جيڪو مُحتاجن کي کاڌو کارائي. (مسنداحمد،۸/۴۴۹حديث:۲۲۹۶۸)

3. جنهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي کاڌو کارايو ايستائين جو ان ڍئو ڪري ورتو ۽ پاڻي پياريو ايستائين جو هو سيراب ٿي ويو ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کارائڻ واري کي جهنم کان ست خندقن جي مسافت پري ڪندو، هر ٻن خندقن جي وچ ۾ 500 سالن جي مسافت آهي.
(شعب الايمان للبيهقي،باب في الزکوٰة،فصل في اِطعام الطعام وسقي الماء، ۳/۲۱۷،حديث: ۳۳۶۸)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي اخلاص سان مسلمانن جي خيرخواهي جو جذبو نصيب فرمائي، محتاجن، پريشان حالن جي مدد ڪرڻ جي سَعادت نَصيب فرمائي، خالص رضاءِ الٰهي وارا ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ رياڪاري جي تباه ڪارين کان بچائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن مختصر زندگي ۾ جيتري قدر ممڪن ٿئي مسلمانن جي مُشڪل حالتن ۾ انهن جو ساٿ ڏيو ۽ مُحتاجن جي حاجت پُوري ڪيو نيڪين ۾ زندگي گذاريو ۽ گناهن کان پاسو ڪيو. هن فاني دُنيا جي عارضي رونقن، مسرتن، ۽ رنگينين ۾ گم ٿي آخرت جي حساب کان غافل

تيڻ يقيناً ناداني آهي. ياد رکو! اسان جي نجات انهيء ۾ آهي ته اسان رَبّ ڪائنات عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَحڪامن تي عمل ڪندي پنهنجي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪيون ۽ گُناهن جي اِرتڪاب ڪان پرهيز ڪيون. ان عظيم مَقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دل ۾ خوفِ خدا جو هئڻ به بي حد ضروري آهي . ڇوته جيستائين اها نعمت حاصل نه ٿئي گُناهن ڪان فرار ۽ نيڪين ڪان پيار تقريباً ناممڪن آهي. اسان جي غوثِ پاڪ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه ڪثرت سان الله عَزَّ وَجَلَّ جي عبادت ۽ رِياضت ڪرڻ جي باوجود ڪيتري قدر خوفِ خدا رکڻ وارا هئا. اچو! هن باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن

حضرت سَيدُنا شيخ سَعدِي شِيرازِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته ”مسجدُ الحرام ۾ ڪجھ ماڻهو ڪعبةُ الله شريف جي ويجهو عبادت ۾ مصروف هئا. اوچتو اُنهن هڪ شخص ڪي ڏٺو ته ڪعبي جي ديوار سان چمٽيون زاروقطار روئي رهيو آهي ۽ ان جي چپن تي اها دُعا جاري آهي، ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن منهنجا عمل تنهنجي بارگاھ جي لائق نه آهن ته قيامت جي ڏينهن مون ڪي انڌو اٿارجان.“ ماڻهن ڪي اها عجيب ۽ غريب دُعا ٻڌي وڏو تَعَجُّب ٿيو، پوءِ اُنهن دُعا گهرڻ واري ڪان پڇيو، ”اي شيخ! اسان ته قيامت ۾ عافيت جا طلب گار آهيون ۽ اوهان انڌو اٿارڻ جي دُعا ڪري رهيا آهيو، ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟“ ان شخص روئيندي جواب ڏنو، ”منهنجو مطلب هي آهي ته جيڪڏهن منهنجا عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ جي لائق نه آهن ته مان قيامت ۾ انڌو اٿاريو وڃڻ پسند ڪيان ٿو ته مون ڪي ماڻهن جي سامهون شرمسار نه ٿيڻو پوي.“ اهي سڀ هي عارفاڻو جواب ٻڌي بي حد متاثر ٿيا پر پنهنجي مُخاطب ڪي سڃاڻيندا نه هئا، ان ڪري پڇيو، ”اي شيخ! اوهان ڪير آهيو؟“ ان جواب ڏنو: ”مان عبدُالقادر جيلاني آهيان.“ (خوفِ خدا،ص ١١٩،گلستان ِ سعدي،ص٣٥ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته حُضُورغوثِ اعظم دستگير رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْه الله

عَزَّوَجَلَّ جا محبوب ۽ مُقرَّب ولي هئڻ باوُجُود الله عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان ڪيتري قدر ڊڄندا هئا جڏهن انهن نيڪ ٻانهن جو هي حال آهي تہ ٿورو غور ڪيو تہ اسان گنهگارن کي الله عَزَّوَجَلَّ کان ڪيترو ڊڄڻ گهرجي تہ اسان جا رات ڏينهن گُناهن ۾ رَبّ تعاليٰ جي نافرماني ۾ گذرن ٿا، ياد رکو! خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو مطلب هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي، ان جي ناراضي، ان جي پڪڙ ۽ ان جي طرفان ڏني ويندڙ سزائن جو سوچي انسان جي دل گهبراهٽ ۾ مبُتلا ٿي وڃي. (ماخوذ من احياء العلوم ،ڪتاب الخوف والرجاء ،ج ۴)

هاڻي ٿورو اسان پنهنجي حال تي غور ڪيون تہ ڇا خوفِ خدا جي وقت اسان جي بہ اها ئي ڪيفيت هوندي آهي؟ ڇا ان جي ناراضي سان اسان کي بہ ڊپ لڳي ٿو؟ ڇا ان جي طرفان ڏيڻ وارين سزائن جو سوچي اسان جي دل بہ گهبراهٽ ۾ مبُتلا ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن ائين ناهي تہ ان جو مطلب آهي تہ اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان جهڙو ڊڄڻ گهرجي اهڙي طرح نٿا ڊڄون. تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ جو حقيقي خوف دل ۾ بيدار ڪرڻ جي لاءِ بہ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. جنهن مؤمن جي اکين مان الله تعاليٰ جي خوف مان ڳوڙهو نڪري ٿو، توڙي جو مک جي مٿي جي برابر هجي، پوءِ اهو ڳوڙهوان جي چهري جي ظاهري حصّي تائين پهچي الله تعاليٰ ان کي جهنّم تي حَرام ڪري ڇڏيندو آهي ." (شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ، ۱/ ۴۹۰، حديث:۸۰۲ )

2. جڏهن مؤمن جي دل الله تعاليٰ جي خَوف مان ڏڪي ٿي، تہ ان جون خطائون اهڙي طرح ڇڻن ٿيون، جيئن وڻ مان پن ڇڻندا آهن."

(شعب الايمان ،باب في الخوف من الله تعاليٰ ، ۴۹۱/۱،حديث: ۸۰۳ )

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجو حقيقي خوف نصيب فرمائي ۽ پنهنجي رضا وارا ڪم ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

تیرے ڈر سے سَدا تھر تھراؤں　　خوف سے تیرے آنسو بہاؤں
کَیف ایسا دے، ایسی ادا کی　　میرے مولیٰ تُو خَیرات دیدے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”Vcd اجتماع“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دل ۾ خوفِ خدا جي شمع جَلائڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول بہ آهي ڇوتہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ وارن نيڪ ماڻهن جي صُحبت ۾ ويهڻ بہ دل ۾ خوفِ خدا پيدا ڪرڻ، پابندِ سُنَّت بنائڻ، گُناهن کان نَفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪڙهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي. اهڙي صحبت ماڻڻ جي لاءِ پنهنجي شهر ۾ هر جمعرات جو ٿيڻ واري دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو معمول بڻايو، عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر اختيار ڪيو، هفتيوار مدني مُذاڪري ۾ شرڪت ۽ مدني انعامات تي عمل ڪيو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”Vcd اجتماع ۾ شرڪت“ بہ آهي. جنهن ۾ شريڪ ٿي ڪيترائي اسلامي ڀائر اجتماعي صورت ۾ سُنَّن ڀريو بيان ٻڌي علمِ دين جي دولت مان فيضياب ٿيندا آهن. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماعي صُورت ۾ علمِ دين سکڻ جون وڏيون برڪتون آهن. اچو! ترغيب لاءِ بہ فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. جڏهن توهان جو گذر جنَّت جي ڪيارين مان ٿيا تہ ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ چوندي وٺو. صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو،"جنَّت جي ڪياريون ڇا آهن؟" فرمايائون "ذڪر جا حلقا. (ترمذي، ڪتاب الدعوات ، باب ٨٢ ، ج ٥ ، ص ٣٠٣ ، رقم ٢١ ٣٥)

2. جيڪو شخص علم طلب ڪري ٿو ته اهو ان جي اڳوڻن گناهن جو ڪفّارو ٿي ويندو آهي. (تِرمِذي،ڪتاب العلم، باب فضل طلب العلم،۴/۲۹۵، حديث:۲٦۵۷)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ Vcd اجتماع ۾ شرڪت جي بدولت ڪيئي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ٿيو. اچو! ترغيب Vcd اجتماع ۾ شرڪت جي هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌون ٿا جيئن

## مَدَني ماحول سان وابسته ٿي ويس

صوبه پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته مان مُعاشَري جو بگڙيل نوجوان هئس ۽ ڏينهن ٻڏينهن گُناهن جي دلدل ۾ ڦاسندو ئي پيو ويس. منهنجي اِصلاح جي صورت ان طرح نهي ته اسان جي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي ذِمّيداران V.C.Dاجتماع جي ترڪيب ٺاهي. مان به ان v.c.dاجتماع ۾ شريڪ ٿيس. جڏهن مون دعوتِ اسلامي جي بينَ الاقوامي سُنّتن ڀري اجتماع جا رُوح پرور منظر ڏٺا ته گهڻو مُتاثر ٿيس ۽ جڏهن 27 ويهين رات رمضان ۾ ٿيڻ واري امیرِاهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِقّت انگيز بيان جو ڪجهه حصّو ٻڌو ته مون کي پنهنجي اڳوڻي اندازِ زندگي سان وحشت محسوس ٿيڻ لڳي، جيئن جيئن بيان ٻڌندو ويس منهنجي دل جي دُنيا بدلجندي وئي. نيٺ مون پنهنجي سيني گُناهن کان توبه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا مَدَنی ماحول　　ہے فیضانِ غوث و رضا مَدَنی ماحول
سلامت رہے یا خدا مَدَنی ماحول　　بچے نظرِ بد سے سدا مَدَنی ماحول
سنور جائیگی آخرت اِنْ شَاءَ الله
تم اپنائے رکھو سدا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## مَدَني تَربِيت گاه جو تعارُف:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان مُلاحَظ فرمايو ته ان ماحول سان وابسته ٿي ڪهڙن ڪهڙن بگڙيل ماڻهن جي اِصلاح جو سامان ٿئي ٿو تنهنڪري اوهان به هن مدني ماحول سان هر دَم وابسته ٿي وڃو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دِين ۽ دُنيا جون ڀلائيون نَصِيب ٿينديون اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دِينِ مَتِين جي مُتعدَّد شُعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي انهن مان هڪ شُعبو "مدني تَربِيت گاه" به آهي جنهن ۾ اسلامي ڀائر مُختلف مُلڪن، شهرن ۽ ڳوٺن مان ايندڙ عاشقانِ رَسُول جي مدني تَربِيت ڪن ٿا. پوءِ اهي اسلامي ڀائر علمِ دِين سکي ۽ سُنَّتن جي تَربِيت حاصل ڪري پنهنجي علائقن ۾ وڃي "نيڪي جي دعوت" جا مدني گل مهڪائن ٿا. تنهنڪري اسان کي به وَقت بوقت سُنَّتن جي تَربِيت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني تَربِيت گاهن تي حاضر ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪو سکون ان کي ڀين ڀائين به پهچائڻ جي سَعادَت ماڻڻ گهرجي. ۽ جيڪي اسلامي ڀائر وڌيڪ ڏينهن جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل نٿا ڪري سگهن، انهن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به وقتاً فوقتاً ڪجهه وَقت جي لاءِ مدني تَربِيت گاهن ۾ موڪليندا رهو، ان جي برڪت سان به ڪيئي عاشقانِ رسول دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان عملي طور وابسته ٿي مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ وارا بڻجندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارن جو شان ۽ انهن جو مقام ۽ مرتبو يقيناً نهايت بُلند ۽ مٿانهون هوندو آهي اهي حضرات دُنيوي آرائش ۽ زيبائش کان پاسو ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مشغول رهندا آهن ۽ انهن جو ظاهر ۽ باطن هميشه عبادت ۽ رياضت جي نور سان پُرنور رهندو آهي، گنهگار ماڻهو گناهن جا موقعا ملڻ

تي خوش ٿيندا آهن پر ان نيڪ هستين کي عبادت ۽ رياضت سان خوشي حاصل ٿيندي آهي، انهن جون راتون پنهنجي رَبّ جي بارگاهه ۾ گريہ و زاري ڪندا، ڳوڙها وهائيندي ۽ ان کي راضي ڪندي گذرنديون آهن. اچو! سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي رات جي وقت ۾ ڪئي ويندڙ عبادات جي هڪ جهلڪ مُلاحظ ڪيون تا تہ جيئن اسان ۾ بہ عبادت جو جذبو وڌيڪ بيدار ٿئي،

حضرت شيخ ابُو عبدُ الله محمد بن ابي الفتح هروي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي تہ مان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ چند راتون سُتس، سندن احوال هي هو تہ رات جو ٽيون تائين نفل پڙهندا هئا ۽ پوءِ ذڪر ڪندا پوءِ ڪجهہ ورد پڙهندا هئا. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ ڪڏهن سندن جسم ڪمزور ٿي ويندو، ڪڏهن فربہ، ڪنهن وقت منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويندا هئا پوءِ ٿوڙي دير بعد اچي ويندا هئا ۽ قرآن ڪريم پڙهندا هئا ايستائين جو رات جو ٻيو حصو گذري ويندو هو، سجدا گهڻا ڊگها ڪندا هئا، پنهنجي چهري کي زمين تي رکندا هئا، تهجد ادا ڪندا هئا ۽ مراقبي ۽ مشاهدي ۾ طلوعِ فجر تائين وينا رهندا هئا پوءِ نهايت عاجزي ۽ نوڙت ۽ خشوع سان دعا گهرندا هئا، ان وقت اوهان کي اهڙو نور ڍڪيندو هو جو نگاهن مان غائب ٿي ويندا هئا ايستائين جو فجر نماز جي لاءِ گهران ٻاهر نڪرندا هئا.

(بهجة الاسرار ص١٦٥، سيرت غوث اعظم ص١٤١-١٤٢، ملخصاً)

سُبْحٰنَ اللهعَزَّوَجَلَّ! اوهان ڏٺو تہ اسان جا غوثِ پاڪ عبادت و رياضت جا ڪيترا شيدائي هئا جو سندن جون راتون اسان غافلن وانگر سمهڻ ۾ نہ گذرنديون هيون بلڪ سڄي رات نفل عبادت، ذڪر و اذڪار جي ڪثرت، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ سجدن جي مناس ماڻڻ ۾ گذرنديون هيون ۽ اهو سلسلو فجر تائين جاري رهندو هو ايستائين جو نماز فجر جي وقت ٿي پنهنجي گهران ٻاهر ايندا هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي عبادت واري جذبي مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سندن ذاتِ

www.dawateislami.net

مُبارَڪ سيپاري 19 سُوْرَةُ الْفُرْقَان جي آيت نمبر 64 جي عملي تصوير آهي،

وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا۔
(پ۱۹،الفرقان:٦٤)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي رات گذاريندا آهن پنهنجي رب جي واسطي سجدي ۽ قيام ۾

جڏهن ته اسان غوثِ پاڪ سان مَحَبَّت جي دعويٰ ته ڪيون ٿا پر افسوس سندن ڪردار ۽ تعليمات جي مُطابق نيڪ عمل نٿا ڪيون، عبادات جي بجا آوري جي معاملي ۾ به اسان انتهائي سستي ۽ ڪاهلي جو شڪار آهيون، نفل عبادات ادا ڪرڻ ۽ شب بيداري ڪرڻ ته رهي پري جي ڳالهه! معاذ الله اسان ته فرض عبادات به ڪما حقه ادا نٿا ڪيون، جڻ اسان عملي طور تي غوثِ پاڪ جي تعليمات کي بالڪل ئي وساري رکيو آهي ۽ اسان جي زندگي بي مقصد طريقي سان گذري رهي آهي. شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪوڙ ساريون رحمتون نازل ٿين جنهن اُمّت جي ٻڏندڙ ڪشتي کي پار لڳائڻ، هن فتني واري دَور ۾ مسلمانن کي غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جو سچو پڪو غلام بنائڻ، انهن جي سينن ۾ عبادت جو جذبو وڌائڻ ۽ انهن کي غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي تعليمات اپنائڻ جو مدني ذهن ڏيڻ جي لاءِ سوال جواب تي مشتمل "مدني انعامات" جو رِسالو عطا ڪيو ته جنهن ۾ پاڻ جڳهه جڳهه انهن معمولات کي اپنائڻ جو ذهن ڏنو آهي ته جيڪي حضور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي عبادت ۽ رياضت جو حصو هئا مثال طور حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه نمازن جا شيدائي هئا ته مدني انعام نمبر 2 ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به نمازن جي ادائيگي جو ذهن عطا ڪيو آهي، حضورغوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه ورد ۽ وظيفن جا پابند هئا ته مدني انعام نمبر5 ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به ورد پڙهڻ جي ترغيب ڏياري آهي، حُضُور غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه تهجد نماز ادا ڪندا هئا ته مدني انعام نمبر19 ۾ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به تهجد نماز جي ادائيگي جو ذهن ڏنو آهي،حُضُورغوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه تلاوتِ قرآن ڪندا هئا ته مدني انعام نمبر20 ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به تلاوت

ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي ،حُضُورغوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالیٰ عَنْہ نِهايت خُشُوع و خضوع سان نماز و دُعا ۾ مَشغُول رهندا هئا تہ مدني انعام نمبر44 ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ بہ نماز ۽ دعا دوران خشوع و خضوع پيدا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي. مطلب تہ مدني انعامات عبادت ۽ رياضت جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ هڪ بهترين ۽ لاجواب نسخو آهي. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ حُضُور غوثِ پاڪ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالیٰ عَنْہ جي صدقي ۾ اسان کي بہ عبادت جو ذوق ۽ شوق نصيب فرمائي ۽ روزانو پابندي سان فکرِ مدينہ ڪندي مدني انعامات جو رسالو پرڻ جي سعادت عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ڪتاب”غوثِ پاڪ ڪے حَالات“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضورِغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہ جي حالات، واقعات ۽ ڪرامات کي وڌيڪ تفصيل سان ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 106 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”غوثِ پاڪ ڪے حالات“ جو مُطالعو نهايت مُفيد آهي، هن ڪتاب ۾ شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہ جون ڪافي ڪرامتن جي علاوه ڀاڻ رَحْمَةُ اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہ جي زندگي جا احوال، ننڍپڻ جا واقعا، علم ۽ تقوٰي جا واقعا، ۽ سندن شان ۾ تحرير ڪيل منقبتون ۽ اولياء ڪرام جو ڀاڻ سان عقيدت جي اظهار جي باري ۾ اقوال وغيره نهايت عُمده انداز ۽ ترتيب سان بيان ڪيا ويا آهن، هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيةً طَلَب ڪري ڀاڻ بہ هن جو مُطالعو فرمايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download)۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان حضور سيدنا غوثِ اعظم

دستگير رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ جي پاڪيزه ڪردار جي حوالي سان بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي ته

- اسان جا غوثِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ صرف عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي لاءِ کاڌو کائيندا هئا.
- اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ پنهنجي ضرورت جون شيون ايثار ڪرڻ وارا هئا.
- اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ مالِ دنيا ۽ دنيا دارن کان بي رغبت رهڻ وارا هئا.
- اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ صبرڪرڻ وارا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۾ راضي رهڻ وارا هئا.
- اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ غريبن، فقيرن، مسڪينن ۽ مُحتاجن جي مدد ڪرڻ وارا هئا.
- اسان جا غوثِ پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُ خوب ذوق وشوق سان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت قرآنِ ڪريم جي تلاوت ۽ سجدن جي مناس ماڻڻ وارا هئا.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت

ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِاهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا. فرمان مصطفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وسلَّم: ✹ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ الله چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج ٢ ص ٥٩ حديث ٢٥٠٤) مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّ وَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاه کي ڏسي نہ سگهن. (مراٰة ج١ ص ٢٦٨) ✹ جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ابوداؤد ج٤ص٣٢٦حديث ٤٧٧٨) ✹ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (كشْفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللِّباس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوي ص٣٦) ✹ (لباس) پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾. (اَيضاً٤٣) ✹ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو.

---

[2]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سُنت کے پُھول

دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب ! صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ

الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمع ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ پيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل

www.dawateislami.net

ٺيندي وقت اهو ٻڌندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّم

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[4]

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل

---

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[5]...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

www.dawateislami.net

ٿيندو آهي.[6]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[7]

## (6) دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر

---

[6] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[7] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

[8] ... الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

www.dawateislami.net

ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[9]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا ڪي 3 ڀيرا پڙهيو ته ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[10]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

9 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

10 ... تاريخ ابنِ عساڪر،۱۵۵/۱۹،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net